# سنڌ آرڊيننس نمبر VII مجريه 2002
# SINDH ORDINANCE NO.VII OF 2002
# سنڌ مڪاني حڪومت (ترميم) آرڊيننس، 2002
# THE SINDH LOCAL GOVERNMENT (AMENDMENT) ORDINANCE, 2002
## فهرست (CONTENTS)


تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

2. 2001 جي سنڌ آرڊيننس نمبر XXVII ۾ دفعه 181 جو اضافو

Addition of section 181 in Sindh Ordinance No.XXVII of 2001

# سنڌ آرڊيننس نمبر VII مجريہ 2002
# SINDH ORDINANCE NO.VII OF 2002
## سنڌ مڪاني حڪومت (ترميم) آرڊيننس، 2002
## THE SINDH LOCAL GOVERNMENT (AMENDMENT) ORDINANCE, 2002

[21 فيبروري 2002]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ مڪاني حڪومت آرڊيننس، 2001 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سنڌ مڪاني حڪومت آرڊيننس، 2001 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

۽ جيئن تہ صوبائي اسيمبلي 14 آڪٽوبر 1999 واري اعلان تحت ۽ پرووزنل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر نمبر. 1 موجب معطل آهي؛

۽ جيئن تہ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي تہ موجوده صورتحال ۾ تڪڙو قدم کڻڻ ضروري آهي؛

هاڻي تنهن ڪري، مٿي ڄاڻايل اعلان ۽ پرووزنل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر سان گڏ پڙهو 1999 جو پرووزنل ڪانسٽيٽيوشن (ترميم) آرڊر نمبر. 9، ۽ ان سلسلي ۾ مليل سمورن اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي، سنڌ جي گورنر خوشيءَ سان هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ مڪاني حڪومت (ترميم) آرڊيننس، 2002 سڏيو ويندو.

(2)هي فوري طور لاڳو ٿيندو ۽ 14 فيبروري 2002 کان لاڳو

commencement

سمجهيو ويندو.

سنڌ جي 2001 آرڊيننس نمبر XXVII ۾ دفعه 181 جو اضافو

Addition of section 181 in Sindh Ordinance No.XXVII of 2001

2. سنڌ مڪاني حڪومت آرڊيننس، 2001 ۾، دفعه 181 کانپوءِ هيٺين نئين دفعه شامل ڪئي ويندي:

“181_A: ناظمن جي انٽرنل ري ڪال: جيستائين ڪجهه دفعات 24، 63 ۽ 85 جي متضاد نه هجي ته هن آرڊيننس تحت چونڊيل ضلعي ناظم، تعلقي، ٽائون ناظم يا يونين ناظم خلاف هڪ انٽرنل ري ڪال موشن آندي ويندي، جيڪا 31 ڊسمبر 2002 کان اڳ پيش نه ڪئي ويندي.”

**نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي**